SOCIAL SCIENCE REVIEW ARCHIVES
ISSN Online: 3006-4708
ISSN Print: 3006-4694
https://policyjournalofms.com

سنڌي- عربي صورتخطيءَ جو مختصر تعارف: تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

# A Brief Introduction to the Sindhi-Arabic Script: A Research Review

**Dr. Abdul Latif[1], Imran Ali Mahar[2], Dr. Atiqullah Memon[3]**

[1] Assistant professor of Sindhi, Govt.islamia Arts and commerce college and postgraduate studies centre sukkur sindh Pakistan, ansariabdullateef@gmail.com
[2] M.Phil Scholar, Shah Abdul Latif University Khairpur
[3] Associate Professor of Sindhi, Govt Makhdoom Abdul Rahman Shaheed Girls Degree College Gambat sindh Pakistan. aadilqazi261@gmail.com

***DOI: https://doi.org/10.70670/sra.v3i1.2015***

## Abstract

This research review highlights the antiquity of the Sindhi language, the evolution of its writing system, and particularly the origin, development, and reforms of the Sindhi-Arabic script. The study reveals that Sindhi is an extremely ancient language, with written evidence dating back five to seven thousand years. These writings are found in various ancient scripts such as Cuneiform, Brahmi, Kharosthi, Devanagari, and Arabic. Sindhi has been influenced by Arab, Persian, and other civilizations due to historical interactions, especially after the Arab conquest of Sindh, which significantly strengthened the influence of the Arabic language and script. With the spread of Islam, Arabic attained religious, educational, and administrative importance, leading to a large influx of Arabic vocabulary and sounds into Sindhi. To accurately represent these sounds and meanings, Sindhi adopted the Arabic script, which gradually evolved into the Sindhi-Arabic orthography. Although there are differing scholarly opinions regarding the origin of the Sindhi-Arabic script, it is evident that some form of it existed prior to the Arab period and became more established during it. Makhdoom Abul Hasan organized and refined this script by introducing new letters and systematizing it. Later, in 1853, the British officer Sir Bartle Frere Ellis (commonly referred to as Sir B. Ellis) formalized the script with the assistance of Sindhi scholars, establishing a standardized Sindhi alphabet consisting of 52 letters. Ellis's standardized orthography incorporated Arabic and Persian letters along with additional characters representing unique Sindhi sounds, thereby providing a comprehensive representation of the phonetic system. However, certain aspirated sounds such as: نهه، مهه، لهه، ڙهه and ٺهه were not included, leaving some gaps and ambiguities in the script. Furthermore, Sindhi orthography includes certain phonetic distinctions—such as between ث ,ص ,س or ظ ,ض ,ز—which are difficult for common speakers to differentiate in pronunciation but are retained due to their importance in preserving the meanings of Arabic loanwords. Removing these distinctions could lead to semantic confusion. Historically, the Sindhi-Arabic script underwent several modifications and refinements, but after 1853 it was officially adopted across Sindh as a standardized writing system. Subsequent attempts to replace it with the Devanagari script were unsuccessful. In conclusion, the Sindhi-Arabic script is the result of a gradual evolutionary process shaped by cultural, religious, and linguistic influences. Despite certain limitations, it remains a fully functional and dynamic system for expressing the Sindhi language, with potential for further refinement over time.

خلاصو:
هي تحقيقي جائزو سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، ان جي لکت جي ارتقا، ۽ خاص طور تي سنڌي-عربي رسم الخط جي ابتدا، ترقي ۽ سڌارن تي روشني وجهي ٿو. تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي هڪ انتهائي قديم ٻولي آهي، جنهن جون لکتون پنجن کان ستن هزارن سالن تائين پراڻيون ملن ٿيون ۽ اهي مختلف قديم رسم الخط جهڙوڪ ڪيونيفارم، برهمڻي، خروشتي، ديوناگري ۽ عربي ۾ لکت جي صورت ۾ موجود آهن.

سنڌي ٻوليءَ تي عرب، فارسي ۽ ٻين تهذيبن جا اثر تاريخي لاڳاپن جي ڪري پيا، خاص طور تي عربن جي سنڌ تي فتح کان پوءِ عربي ٻولي ۽ رسم الخط جو اثر وڌي ويو. اسلام جي پکڙجڻ سان عربي ٻولي مذهبي، تعليمي ۽ دفتري حيثيت اختيار ڪئي، جنهن سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي لفظن ۽ آوازن جي وڏي پيماني تي داخلا ٿي. انهن آوازن جي صحيح ادائگي ۽ معنيٰ جي درستگي لاءِ سنڌي ٻوليءَ عربي رسم الخط اختيار ڪيو، جيڪو آهستي آهستي “سنڌي-عربي صورتخطي” جي صورت ۾ ترقي ڪري ويو.

سنڌي-عربي رسم الخط جي ابتدا بابت محققن ۾ اختلاف موجود آهي، پر اهو واضح آهي ته هي رسم الخط عربن جي دور کان اڳ ئي ڪجهه حد تائين موجود هو ۽ عرب دور ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيو. مخدوم ابوالحسن هن رسم الخط کي ترتيب ڏئي ان ۾ نوان اکر شامل ڪيا ۽ ان کي وڌيڪ منظم بڻايو، جڏهن ته 1853ع ۾ انگريز عملدار سر بٽرو ايلس سنڌي ماهرن جي مدد سان ان کي باضابطه صورتخطي طور ترتيب ڏنو ۽ 52 حرفن تي مشتمل سنڌي الف-بي قائم ڪئي.

ايلس جي ترتيب ڏنل صورتخطيءَ ۾ عربي ۽ فارسي اکرن سان گڏ نج سنڌي آوازن لاءِ نوان اکر شامل ڪيا ويا، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام کي گهڻي حد تائين مڪمل نمائندگي ملي. تنهن هوندي به ڪجهه وسرڳ آواز جهڙوڪ ڙهه، لهه، مهه، نهه ۽ ٺهه شامل نه ٿي سگهيا، جنهن سبب صورتخطي ۾ اڃا به ڪجهه کوٽ ۽ مونجهارا موجود آهن.

ان کان علاوه، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪجهه اهڙا آواز آهن جن جي ادائگي ۾ عام ماڻهو فرق نه ٿو ڪري سگهي، جهڙوڪ س، ص، ث يا ز، ض، ظ وغيره، جيڪي عربي اثر جي ڪري برقرار رکيا ويا آهن. انهن کي ختم ڪرڻ سان معنيٰ ۾ فرق پيدا ٿيڻ جو خطرو آهي، تنهن ڪري اهي اکر برقرار رکيا ويا آهن.

تاريخي طور سنڌي-عربي رسم الخط ۾ مختلف دورن ۾ تبديليون ۽ سڌارا ٿيندا رهيا، پر 1853ع کان پوءِ اها صورتخطي سرڪاري حيثيت سان سڄي سنڌ ۾ رائج ٿي ۽ هڪ معياري نظام طور قائم رهي. ان کان پوءِ به ديوناگري رسم الخط کي لاڳو ڪرڻ جون ڪوششون ٿيون، پر اهي ناڪام رهيون.

نتيجي طور، سنڌي-عربي رسم الخط هڪ ارتقائي عمل جو نتيجو آهي، جيڪو مختلف ثقافتي، مذهبي ۽ لساني اثرن هيٺ ترقي ڪري موجوده شڪل تائين پهتو آهي. باوجود ڪجهه خامين جي، هي رسم الخط سنڌي ٻوليءَ جي اظهار لاءِ مڪمل طور ڪارآمد ۽ زنده نظام طور ڪم ڪري رهيو آهي ۽ وقت سان گڏ وڌيڪ بهتري جي گنجائش رکي ٿو.

جيئن ته، سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي ۽ لکت جي ڪيترن ئي نمونن ۾ قديم دؤر کان وٺي لکي وڃي ٿي. موجوده وقت جي تحقيق موجب، سنڌي ٻوليءَ جون قديم لکتون، پنج کان ست هزار سال قديم آهن ۽ سنڌ جي قديم دڙن مان ٺڪرن، پٿرن، سڪن ۽ مهرن وغيره تي اڪريل، ڪيونيفارم، برهمڻي، خروشتي، ديوناگري ۽ عربي رسم الخط جي مختلف نمونن ۾ ملن ٿيون.

جيئن ته، سنڌ ۽ عرب جو ڳانڍاپو موريا ۽ گپت گهراڻي جي راڄ وقت ۾ ملي ٿو ۽ فارسيءَ ٻوليءَ سان سنڌي ٻوليءَ جو ڳانڍاپو پڻ، راءِ ۽ برهمڻ دؤر ۾ ملي ٿو جو ايراني بادشاهه سنڌ تي قابض ٿيندا رهيا ۽ سنڌ تي پنهنجي ٻولي مڙهيندا رهيا. ازانسوا، فارسي ٻولي پڻ عربي اکرن ۾ لکي وڃي ٿي جنهن سبب، عربيءَ جيان فارسيءَ جا اکر به سنڌي اکرن ۾ شامل ٿيا. جيئن ته، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جو دائرو وسيع آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي آواز، عربي ٻوليءَ ۾ موجود ڪونه آهن. ازانسوا، سنڌي ٻوليءَ، پنهنجو دائرو وسيع ڪندي پنهنجي اندر، عربيءَ جا سمورا آواز سمايا، جن مان ث- ح- خ- ص- ض- ط- ظ- ع-غ- ف ۽ ق نج يا خالص عربي آواز آهن ۽ اڳواٽ سنڌيءَ ۾ شامل نه هئا پر عربي لغت جي اثر سبب، عربي لغت جا اهي آواز، سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا. توڙي جو اسين سنڌي ماڻهو، اهي عربي آواز صحيح اچاري نه سگهندا آهيون، جيستائين، ڪنهن قاري يا عالم کان اهو گُر حاصل نه ڪريون. باوجود ان جي عربي لفظن جي معنى جي پرک خاطر اهي اکر مجبوراَ اختيار ڪرڻا پيا ۽ موجوده سنڌي صورتخطيءَ جو اهم حصو آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ، عربي اکر سنڌ جي مسلمانن، پنهنجي؛ سياسي ۽ مذهبي گهرجن موجب اختيار ڪيا. نه ته ان کان اڳ سنڌي ٻولي، ديوناگري رسم الخط جي؛ مختلف نمونن ۾ لکي ويندي هئي. ديوناگري رسم الخط، گرمکي اکرن جي صورت ۾ اڄ به سنڌ ۾ مروج آهي ۽ هندستان ۾ پڻ سنڌي ٻولي، ديوناگري اکرن ۾ لکي وڃي ٿي جڏهن ته موجوده سنڌ جا مسلمان توڙي هندو، سنڌي عربي رسم الخط استعمال ڪرن ٿا. نه رڳو سنڌي ٻولي، پر فارسي ۽ اردو ٻوليون پڻ عربي خط ۾ لکيون وڃن ٿيون.

**ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو لکي ٿو ته:**
”سنڌي صورتخطيءَ جو بنياد عربي رسم الخط جي الفابيٽ ( الف- بي- تي) تي ٻڌل آهي ۽ عربي رسم الخط صدين کان وٺي سنڌ ۾ ۽ پڻ برصغير جي ٻين علائقن ۾ رائج آهي. جيئن ته مسلمانن جو ديني ڪتاب قرآن شريف عربيءَ ۾ آهي ان ڪري

نندي ٿيءَ کان وٺي عربي رسم الخط سان واقفيت هئڻ هر ڪنهن مسلمان لاءِ لازمي آهي. فارسي علم ۽ ادب به عربي رسم الخط ۾ لکيو وڃي ٿو ۽ اردو به انهيءَ الفابيٽ ۾ لکي وڃي ٿي.“ **(پٺاڻ ممتاز: 2009، 273)**
سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌي الف- بي جو بنياد عربي الف- بي تي ٻڌل آهي ۽ عربي رسم الخط گهڻي زماني کان سنڌ ۽ هندستان جي ٻين خطن ۾ مروج آهي. ڇو ته سنڌ ۽ هند ۾ مسلمان گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا ۽ مسلمانن جو ديني ڪتاب قرآن پاڪ عربي زبان ۾ تحرير ٿيل آهي. ان جي ڪري هر مسلمان جو عربي اکرن سان واسطو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌي زبان عربي اکرن ۾ لکي وئي. نه رڳو سنڌي زبان پر فارسي ۽ اردو زبانون پڻ عربي رسم الخط ۾ لکيون وڃن ٿيون
توڙي جو سنڌي ۽ عربي ٻوليون اسلام کان اڳ واري دؤر ۾ ڳانڍاپي ۾ رهيون ۽ هڪٻئي کي الفاظ پئي ڏنائون، ورتائون پر پوءِ به عربن جي فتح تائين سنڌي- هندي اکرن ديوناگري ۽ شاستري لکڻ جو رواج قائم رهيو ۽ اڳ سنڌي ٻولي، لکت جي؛ انهن ئي نمونن ۾ لکي ويندي هئي. سنڌ تي عربن جي فتح کان پوءِ سنڌ ۾ عربي ٻولي جي ٻول چال توڙي علم و ادب جي ڪري عربي زبان جي لغت جو سنڌي ٻوليءَ جي لغت تي گهرو اثر پيو. خاص طور تي سنڌ تي ’اسلام‘ جي غلبي، يعني، سنڌي ماڻهن جي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري سندن زندگيءَ ۾ عربي ٻوليءَ جو واهپو عام ٿيو ۽ هو، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ حديث پاڪ جو مطالعو ڪرڻ لڳا. ان کان علاوه، نماز ۽ دعائن وغيره ۾ عربي ٻول ٻولڻ لڳا. ان جي ڪري وقت گذرڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جا لفظ داخل ٿيندا ويا.ايتري تائين جو مسلمانن کان علاوه هندو پڻ عربي لفظ استعمال ڪرڻ لڳا ۽ هو، عربي آوازن کي غلط اُچارڻ لڳا. مطلب ته،، سنڌي عوام جي گهڻائي اسلام جي اندر داخل ٿي، جنهن سبب، عربي ٻوليءَ جو واهپو، سندن زندگيءَ ۾ عام ٿيو. اهڙين ضرورتن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جا لفظ، داخل ٿيا ۽ انهن لفظن جي صحيح ادائگيءَ خاطر؛ عربي اکرن جي ضرورت پئي جو سنڌي اکرن ۾ عربي اکرن جا غلط اچار لکجڻ لڳا، اهڙين ضرورتن سبب سنڌ ۾ عربي خط جو رواج پيو ۽ سنڌي ٻولي، عربي اکرن ۾ لکجڻ لڳي.

محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته:
”سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻولي ديوناگري (شاستري) يا سنسڪرت يا هندو سنڌي اکرن ۾ لکندا هئا. پر عربن جي اچڻ ڪري عربي ٻوليءَ جا لفظ گهڻي انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي ميسجي ويا تن لفظن جي صحيح صورت ڏيکارڻ لاءِ ديوناگري (شاستري) سنسڪرت يا هندو سنڌي صورتخطي بلڪل اڻپوري هئي، سو ان ڪري جو عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي آواز سنڌ جي قديم ٻوليءَ ۾ موجود ئي ڪين هئا. تنهن ڪري اهڙن آوازن وارن لفظن جي صحيح صورت به سنسڪرت يا ديوناگري وغيره صورتخطيءَ ۾ قائم رهي نه ٿي سگهي. مثلاً حفاظت، حضرت، غريب، زيارت، فضيلت وغيره لفظ سنسڪرت ديوناگري يا هندو سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٿين ٿا. هڦاجت، هجرت، گريب، جيارت ۽ ڦجيلت وغيره. انهن سببن ڪري عربن پنهنجي صورتخطي قائم رکي ۽ دفتر جو سڀ ڪم ڪار به عربي ٻوليءَ ۾ ٿيڻ لڳو ۽ ماڻهن کي تعليم به عربي ٻوليءَ ۾ ملڻ لڳي.“ **(ميمڻ صديق: 2005، 23- 24)**
سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته: عربن کان اڳ سنڌي زبان ديوناگريءَ ۾ لکي ويندي هئي ۽ سنڌ تي عربن جي قبضي بعد، عربي ٻولي سنڌ ۾ رائج ٿي ۽ عربي ٻوليءَ جا لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا. ديوناگري صورتخطيءَ ۾ عربي آواز غلط لکجڻ لڳا، ان جي ڪري جو خالص عربي آواز اڳواٽ سنڌي زبان ۾ شامل نه هئا ۽ انهن آواز جا غلط آواز لکجڻ لڳا جنهن ڪري عربن، عربي صورتخطي رائج ڪئي، يعني؛ عربي زبان سنڌ جي دفتري، تعليمي، علمي ۽ ادبي زبان مقرر ڪئي. ازانسوا، سنڌ جا ماڻهو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا، هنن عربن سان لهه وچڙ ڪئي، مٿيون مائٽيون ڪيون ۽ سنڌي ماڻهن عربي زبان ۾ ڪتب نويسي ۽ شعر گوئي ڪئي ان ڪري عربي زبان جا گهڻا لفظ، سنڌي زبان ۾ رائج ٿيا ۽ انهن جي صحيح صورت ڏيکارڻ خاطر، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ عربي اکر اختيار ڪيا ويا.

سنڌي عربي رسم الخط جي ابتدا:
سنڌي عربي رسم الخط جي ابتدا جو سلسلو، سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا جي سلسلي جيئان منقطع نظر اچي ٿو ۽ محققن جا ان متعلق متضاد رايا ملن ٿا. اها ڳالهه پرکڻ ڏاڍي اوکي آهي، ته سنڌي- عربي رسم الخط جو موجد؛ ڪير آهي ۽ سنڌ ۾ اها، ڪهڙي سال کان مروج ٿي؟ البته، اها ڳالهه نمايان آهي ته اها، عربن جي زماني کان رائج ٿي، ڪن محققن جي نظر ۾ سنڌي عربي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ برهمڻن جي زماني کان شروع ٿي ۽ سنڌي عربي خط ۾ پهريان لفظ ڇچنامي ۾ محفوظ ٿيا جن ۾ نج سنڌي آوازن جي لاءِ عربي فارسي اکرن تي نقطا ڏئي نوان حرف اختيار ڪيا ويا سي ڪنهن جوڙيا؟ سو پڻ پرکڻ اوکو آهي. ڇو جو ڇچنامي جو ليکڪ اَنام آهي جنهن برهمڻ دؤر ۾ هي ڪتاب ترتيب ڏنو، ان ڳالهه مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي، عربي خط ۾ لکڻ جو رواج، سنڌ تي عربن جي قبضي کان اڳاٽو هو ۽ سنڌي عربي رسم الخط ۾ نج سنڌي آوازن جي لاءِ اکر، عربن کان اڳ موجود هئا. البته، عربن جي آمد سبب سنڌي ۽ عربي ٻولين جو گهرو لاڳاپو ٿيو ۽ عربي زبان ۽ لکت، سنڌي ٻولي ۽ لکت تي، اڻ مٽ اثر ڇڏيا. عربي آواز، لغت جو ذخيرو ۽ وياڪرڻيءَ جا اصول توڙي عربي علم و ادب سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو ۽ سنڌي اکر، عربي اکرن ۾ لکڻ جو رواج پيو.
سنڌي- عربي صورتخطيءَ ۾ عرب دؤر ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو ويو ۽ ديني مسئلن تي ڪتاب لکيو ويو پر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ ان جو فقط ذڪر ئي ملي ٿو ۽ تحريري صورت ۾ اهو ترجمو يا ڪتاب اسان وٽ موجود نه آهن البته ان

دؤر جو هڪ سنڌي شعر مليو ٿو جيڪو يحيى بن خالد برمڪيءَ جي دربار ۾ هڪ سنڌي شاعر چيو. ڪن روايتن ۾ اهو شعر، حضرت بلال حبشيءَ ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو شعر؛ سنڌي- عربي صورتخطيءَ ۾ پهريون شعر تسليم ڪيو

وڃي ٿو ۽ اهو شعر هي آهي:
”ارهه برهه ڪنڪره، ڪراڪري مندره“ (ملاح: 2006، 25)
هن شعر جون معنائون پڻ منظر تي اچي چڪيون آهن پر تڏهن به هي شعر، سنڌ ۾ عربي صورتخطيءَ جي ابتدا تي مفصل روشني نه ٿو وجهي.
سنڌي صورتخطيءَ جي تاريخ، ان ڳالهه کي واضح ڪري ٿي ته، سنڌي عربي صورتخطي، عرب سياحن جي آمد (864-1030ع) وقت به، سنڌي ٻوليءَ لاءِ مروج هئي،

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:
”عربي رسم الخط جو بنياد 864ع ڌاري پئجي چڪو هو... (البيرونيءَ جي بيان موجب، 1020- 1030ع ۾) وچ سنڌ واري علائقي ۾ ڳاديءَ جي شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾، ”سينڌب“ يعني ”سنڌو“ يا ”سنڌي صورتخطي“ هلندڙ هئي، اها ”عربي-سنڌي“ صورتخطي هئي، جيڪا پهريان منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي ۽ اتان آهستي آهستي سڄي سنڌ ۾ رائج ٿي.“ **(الانا: 1993، 91 ۽ 49)**
سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته: سنڌي رسم الخط جو بنياد ابوالحسن کان اڳ، 864 ڌاري پئجي چڪو هو ۽ البيرونيءَ جي سنڌ ۾ آمد وقت 1020 کان 1030 ڌاري سنڌ جي ڳاديءَ واري شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾ سينڌب يا سينڌب نالي، سنڌي-عربي صورتخطي رائج هئي جيڪا پهرين منصوره واري علائقي ۾ رائج ٿي ۽ پوءِ آهستي آهستي، سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي. ازانسوا، البيرونيءَ جي تحرير ۾ پڻ، سنڌي عربي خط جا نمونا موجود آهن ۽ سنڌي آوازن جي لاءِ نوان حرف پڻ ملن ٿا.
سنڌي- عربي صورتخطيءَ جا، پهريان تسليم جوڳا نمونا، ڳاهن (1050- 1521) ۾ ملن ٿا جيڪي پڻ ڪن محققن جي نظر ۾ مشڪوڪ آهن ۽ بعد جا جوڙيل چيا وڃن ٿا. سنڌي عربي صورتخطيءَ جا پهريان پڪا پختا نشان، مغلن جي زماني ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ (1537- 1622) واري جي ڪلام ۾ ملن ٿا جيڪي، بيان العارفين ۾ محفوظ ٿيا. شاهه ڪريم کان اڳ وارا؛ قاضي قادن جا بيت جيڪي شاهه ڪريم جي زباني؛ بيان ٿيا ۽ بيان العارفين ۾ عربي خط ۾ تحرير ٿيا. ان ڳالهه مان پڻ واضح ٿئي ٿو ته، سنڌ ۾ عربي خط، شاهه ڪريم کان اڳ موجود هو جو شاهه ڪريم جا شعر، بيان العارفين ۾ عربي خط ۾ محفوظ ٿيا جن ۾ نج سنڌي آوازن جي لاءِ نوان حرف پڻ ملن ٿا. جيئن، شاهه ڪريم جي هيٺين شعر ۾ سنڌي ٻوليءَ جا نج يا خالص آواز ’ڻ‘، ’ٻ‘ ۽ ’ڙ‘ موجود آهن:
”پاٽياري سر ٻهڙو، جر تي پکي جيئن، اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.“ **(دائود پوٽو: 1977، 54)**

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:
”هي سوال اڃان تحقيق طلب آهي ته سنڌ ۾ عربي – سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي؟ ۽ ڪڏهن ٿي؟ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي خيال موجب، عربي – سنڌي رسم الخط جو قديم نمونو شاهه ڪريم بلڙائيءَ ( 1537ع _ 1623ع ) جي چيپل ڪلام ۾ مليو ٿو.“ **(الانا: 2006، 192)**
سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته: سنڌي عربي صورتخطيءَ جي ابتدا متعلق ڪجهه يقين سان چئي نه ٿو سگهجي ته، سنڌ ۾ اها ڪڏهن کان رائج ٿي. علامه دائود پوٽي جو خيال آهي ته، سنڌي عربي رسم الخط جو قديم نمونو شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ مليو ٿو.
ڪن محققن جي نظر ۾ مخدوم ابوالحسن، سنڌي عربي صورتخطيءَ جو موجد آهي ۽ سندس ڪتاب مقدمته الصلوات سنڌي عربي رسم الخط ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي.
غلام محمد لاکي صاحب، سنڌي عربي صورتخطيءَ بابت به متضاد رايا ڏنا آهن، سندس هڪ خيال آهي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ عربي صورتخطي، ارغونن جي زماني کان رائج ٿي ۽ سندس ٻيو رايو آهي ته، عام طرح سان مخدوم ابوالحسن کي سنڌي عربي صورتخطيءَ جو موجد سڏيو ويندو آهي ۽ سندس ڪتاب ’مقدمته الصلوات‘ کي پهريون سنڌي ڪتاب چيو ويو

آهي. هو لکي ٿو ته:
”سنڌيءَ لاءِ عربي رسم الخط ڪڏهن رائج ٿيو، ان متعلق ڪابه مستند روايت موجود ڪونهي. ليڪن اندازو آهي ته ارغوني گهل بعد، سنڌي زبان ۽ ساهت تي جا مصيبت آئي ۽ قهر نازل ٿيو، ان سبب هتي جي عالمن ۽ اديبن کي پنهنجي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي بچاءَ جو فڪر دامنگير ٿيو. ان پس منظر ۾ سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جي ابتدا ٿي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ سنڌي زبان جي تحريري ذخيري ۾ اڃان به واڌارو ٿيو. برٽن ان متعلق لکيو هو ته: ”تڏهن ڪا به اهڙي ڏيهي زبان ڪانه هئي جنهن ۾ سنڌيءَ کان گهٽيون يا وڌيڪ ڪارآمد تصنيفون هجن. ان جو گهڻو حصو خاص ڪري عربيءَ

مان ڪيل ترجما ۽ مذهبي تصنيفون آهن. سنڌ ۾ ڪيترا ڪتاب ملندا، تنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. پر ٻن- ٽن سون کان گهٽ هٿ ڪونه ايندا“. **(لاکو: 1997، 322)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌي عربي رسم الخط جي شرووعات متعلق ڪابه مستند روايت موجود نه آهي. هڪ گمان اهو آهي ته، ارغونن جي سنڌ تي قبضي ۽ علم و ادب جي زيان سبب، سنڌ جي عالمن جو مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ طرف لاڙو ٿيو ۽ سنڌي زبان ۾ ڪتاب تحرير ٿيڻ لڳا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ سنڌي ۾ ان فن وڏي ترقي ڪئي، برٽن لکيو آهي ته، ان وقت سنڌي زبان ۾ جيترا ڪتاب موجود هئا. ايترا هندستان جي ٻي ڪنهن به زبان ۾ موجود نه هئا جيڪي سون جي تعداد ۾ هئا ۽ گهڻا ڪتاب، عربي ۽ فارسيءَ مان ترجمو ٿيل هئا. سندس ٻيو خيال يا رايو آهي ته:

”عربن سنڌ تي (3) ٽي صديون راڄ ڪيو. ان دؤر ۾ عربي زبان هتان جي علمي، سرڪاري ۽ .مذهبي ٻولي رهي. اهو ئي سبب آهي جو عربي ٻوليءَ سنڌي ٻوليءَ جي هيئت ۽ لغت تي اڻ مٽ اثرات ڇڏيا. ان جو لازمي نتيجو هي نڪتو جو آهستي آهستي قديم رسم الخط جي بجاءِ، سنڌي ٻولي به عربي رسم الخط ۾ لکجڻ شروع ٿي. اڳتي هلي ان کي عربي- سنڌي رسم الخط سڏيو ويو. عام طرح ٿئي جي ’مخدوم ابوالحسن‘ کي هن قسم جي رسم الخط جو موجد سڏيو وڃي ٿو ۽ سندس ڪتاب ’مقدمته الصلوات‘ کي پهريون سنڌي ڪتاب سڏيو ويو آهي.“ **(لاکو: 1997، 322)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، عربن جي سنڌ تي قبضي سبب، عربي ٻولي سنڌ جي دفتري ۽ تعليمي زبان بڻي جنهن سبب عربي زبان جي لغت جو ذخيرو سنڌي زبان ۾ داخل ٿيو ۽ سنڌي ٻولي، عربي اکرن ۾ لکجڻ لڳي جنهن کي سنڌي عربي رسم الخط چيو ويو. ازانسوا، اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، عام طور تي مخدوم ابوالحسن کي هن خط جو موجد سڏيو ويندو آهي ۽ سندس لکيل ڪتاب مقدمة الصلوات کي، سنڌي زبان ۾ لکيل پهريون ڪتاب تسليم ڪيو ويو آهي.

مخدوم ابوالحسن سنڌي عربي رسم الخط جو موجد نه پر ان جو سنواريندڙ ۽ سڌاريندڙ آهي جنهن سنڌي عربي رسم الخط ۾ ڪجهه اضافا ڪيا. هن، سنڌي ٻوليءَ جي نج آوازن لاءَ ڪي نوان اکر مقرر ڪيا ۽ ان کي اٺونجاهه حرفن تي پهچايو. ڪانئس اڳ، سنڌي عربي صورتخطي شروعاتي ( ء ) سميت عربيءَ جي ( 29 ) اڻٽيهه حرفن تي لکي وئي يا ان ۾ سنڌي آوازن جي لاءِ ڪي نوان حرف مقرر ڪيا ويا ۽ ڪنهن ڪيا؟ سا ڳالهه معلوم ڪرڻ اوکي آهي.

1853 ۾ سنڌي عربي رسم الخط جي سوڌ ۽ سنوار وقت؛ ايلس پڻ، ابوالحسن واريون اختيار ڪيل صورتون اختيار ڪيون البته هن ان ۾ ڪجهه تبديليون ۽ اضافا ڪري ان کي ٻاونجاهه حرفن تي پهچايو جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جا پنج وسرڳ آواز، ان مان اڃان سوڌو غائب آهن جيڪي سنڌي الف بي جي ڪڪ پٽيءَ ۾ شامل ڪرڻ کان رهيل آهن. انهن آوازن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جهجهو استعمال ملي ٿو جيڪي آواز هي آهن: ڙهه- لهه- مهه- نهه ۽ ٺهه. جن جو وڌيڪ بيان هيٺ ڏنل آهي.

جيئن ته، سنڌي عربي رسم الخط جا نمونا، مخدوم ابوالحسن کان اڳاٽا ملن ٿا، ڪانئس ٿورو اڳ، عزت بن سليمان جا اٺاريل اوڻيتاليهه منظوميا پڻ عربي رسم الخط ۾ ملن ٿا جيڪي هن، 1655- 1657 وارن ٽن سالن ۾ سهيڙيا ۽ مخدوم ابوالحسن جو لکيل ڪتاب ’مقدمته الصلوات‘، 1700 بعد منظر تي آيو. ازانسوا، مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جون فتوائون ۽ شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام پڻ، سنڌي- عربي خط ۾ ابوالحسن کان ڪافي اڳ محفوظ ٿيو البته مخدوم ابوالحسن جي ڪتاب جي اها خاصيت آهي ته، ان ۾ سنڌي- عربي خط جي هڪ نئين صورت سامهون آئي ۽ صاحب موصوف، سنڌي الف- بي جو چارٽ، پنهنجي ڪتاب سان گڏ ڏنو جيڪو محفوظ رهيو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪينس، سنڌي- عربي خط جو موجد سڏيو ويو.

عربن جي زماني واري، سنڌي- عربي؛ الف- بي جي چارٽ متعلق، سنڌي ٻوليءَ جا محقق خاموش آهن ۽ سنڌي عربي الف- بي جي، پهرين تختي، مغلن جي زماني ۾ مخدوم ابوالحسن جي ترتيب ڏنل ڪتاب، ’مقدمته الصلوات‘ ۾ ملي ٿي جيڪا اوڻونجاهه حرفن تي مشتمل آهي. مخدوم ابوالحسن کان اڳ واري سنڌي الف- بي جي تختيءَ جو ڪو نمونو هٿ نه آيو آهي. ان جي ڪري مخدوم ابوالحسن کي سنڌي عربي صورتخطيءَ جو موجد سڏيو ويو آهي البته ڳاهه، بابا فريد جا سنڌي دوها، قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم جو ڪلام، ڪانئس اڳاٽا آهن جيڪي سنڌ ۾ عربي- صورتخطيءَ جا نشان، مخدوم ابوالحسن کان، گهڻو اڳ ڏيکارن ٿا. مخدوم ابوالحسن کان اڳ، مروج عربي خط ۾ نقطن جي اضافن سان سنڌي ٻوليءَ جي وسرڳ آوازن جي لاءِ نوان حرف مقرر هئا. جيئن؛ شاهه ڪريم جي ڪلام مان مثال، مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

مخدوم ابوالحسن جي صورتخطيءَ بابت، آفتاب ابڙو لکي ٿو ته:

”مخدوم صاحب پنهنجي پٽيءَ لاءِ عربي ٻوليءَ جا سڀ حرف استعمال ڪيا.ان جو مکيه سبب اهو هو ته نماز جا بنيادي رڪن ۽ ان جي اهميت عربي محاوري مطابق ئي سمجهائي سگهجي ٿي. ان کان پوءِ فارسيءَ جا به چارئي حرف ڪنيائين. عربي حرف: ا، ب، ت، ث، ج، ح، خ، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق، ڪ، ل، م، ن، و، ه، ء، ي، فارسي حرف: پ، چ، گ، ژ، باقي رهيا خالص سنڌي حرف جيئن ٻ، ڌ، ڻ، ڄ، ڃ، ڳ، ڱ يا مرڪب حرف جيڪي ”وسرڳ“ حرف چئجن ٿا.جيئن: ڀ، ٿ، ٺ، ڇ، ڏ، ڍ، جهه، ک، انهن ۾ عالمن ڪا هڪجهڙائي نه رکي آهي. ڻ لاءِ ”ن“ ته ڪن ”ن“ مٿان جزم، ڪن تنوين يا ٻٺو پيش ڏنو آهي.هنن جيڪا به پچ گهڙ ڪئي آهي، اها عربي فارسي جي بنيادي صرفن ۾ نقطا وڌائي ڪئي آهي“ **(ابڙو: 2015، 171- 172)**

مطلب ته، سنڌي- عربي رسم الخط، ڪو هڪ ئي وقت، تڪميل تي ڪونه آيو، ان ۾ سلسليوار ارتقا ٿيندي رهي ۽ مختلف وقتن تي مختلف نمونن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ئي آواز کي مختلف صورتن ۾ لکيو ويو. ازانسوا، ڪي خط، فقط عربيءَ جي اٺاويهن حرفن تي محدود رهيا ته ڪن خطن ۾ سنڌي آوازن جي لاءِ عربي اکرن تي نقطا ڏئي، نوان حرف ٺاهيا ويا. جن

۾ بتدريج ارتقا ٿيندي رهي، انهن اکرن 1853ع ۾ پڪي پختي صورت ورتي ۽ سنڌي- عربي رسم الخط، صورتخطيءَ جو درجو حاصل ڪيو. سنڌي ٻولي، سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙي لکجڻ لڳي. نه ته ان کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جا نج يا خالص آواز، عربي خط جي مختلف نمونن ۾ الڳ الڳ نشانن سان لکيا ويندا هئا. جيئن: 'ڏ' کي اڳ 'د' ۽ 'ذ' جي صورتن ۾ لکيو ويو. اهڙيءَ طرح، 'ڙ' جي آواز کي 'ر'، 'رر'، 'ز' ۽ 'ر' جي صورتن ۾ لکيو ويو.
انگريز دؤر ۾ سنڌي عربي ـ صورتخطيءَ ۾ آندل سڌارا ۽ مقرر ڪيل ترتيب:
موجوده سنڌي عربي صورتخطي يا سنڌي الف – بي جي ڪڪ پٽي (52) ٻاونجاه حرفن تي مشتمل آهي جيڪا انگريز دؤر ۾ سر بيرو ايلس ترتيب هيٺ آندي ۽ ان ۾ حمزي کان علاوه (28) حرف عربي ٻوليءَ جا آهن جيڪي محمد صديق ميمڻ صاحب، هن طرح بيان ڪيا آهن:
”ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و ه ي.'
جنهن ۾ هيٺيان ٽي حرف فارسيءَ جا آهن: 'پ، چ ۽ گ'.
۽ جنهن ۾ (20) نج سنڌي آواز آهن، جي هي آهن:
ٻ ڀ ٽ ٿ ٺ ڦ ڄ جهه ڃ ڇ ڊ ڌ ڏ ڍ ڙ ک ڳ گهه ڱ ۽ ڻ“ **(ميمڻ صديق: 2005، 24)**
سندس ڏنل بيان مان واضح ٿئي ٿو ته، سنڌي الف بي جي تختيءَ ۾ حمزي کان علاوه 28 حرف عربي ٻوليءَ جا آهن ۽ ان ۾ ٽي حرف پارسي ٻوليءَ جا آهن ۽ ويهه نج يا خالص سنڌي حرف آهن. جيئن مٿي ڏنل، سندس بيان ۾ واضح آهن.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته**:**
”عربي ٻوليءَ جي اٺاويهن حرفن ۾ وري ٽي حرف فارسي ٻوليءَ جا شامل ٿيا:1. پ 2 .چ 3. گ. ۽ ويهه حرف نج سنڌي آوازن ڏيکارڻ وارا شامل ڪيائون ته سنڌي آئويٽيا هن طرح اچي بيٺي:
”ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي.“ **(ميمڻ صديق: 2005، 24)**
مطلب ته، عربي پارسي ۽ سنڌي حرفن کي گڏائجي ٿو ته، موجوده سنڌي الف- بي مٿين نموني تي اچي بيٺي. سنڌي ٻوليءَ جي مٿين ٻاونجاه حرفي، انگريز عملدار، سر بيرو ايلس، 1853ع ۾ ترتيب ڏني جنهن ۾ ايلس، **ڻ ـ ڄ ـ ڃ ـ ڳ ـ ڱ ۽ جهه** نوان اکر شامل ڪيا. ايلس، ابوالحسن جي اختيار ڪيل ٻٽن صوتين يا وسرڳ آوازن لاءِ هڪ نئي اکر مقرر ڪيو جيئن: ٻهه لاءِ ڀ ۽ تهه لاءِ ٿ جي صورت مقرر ڪيائين. البته، جهه ۽ گهه کي هڪ صورت ڏئي نه سگهيو، جنهن تي پڻ اعتراز واريل آهن.

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ لکي ٿو ته:
”انگريزن راءِ عامه جي مدِ نظر، سنڌي الفابيٽ کي، عربي صورتخطيءَ جي ماڊل تي تيار ڪيو، جنهن ۾ ڪن آوازن ۽ اُچارن لاءَ نوان اکر پڻ ايجاد ڪيا ويا. جهڙوڪ: ڻ ـ ڄ ـ ڃ ـ ڳ ـگهه ـ ڱ ـ جهه وغيره. نون اکرن ٺاهڻ ۾ جيڪا ڪوتاهي رهجي وئي آهي اها گهه ۽ جهه جي نشان مان صاف ظاهر آهي. جن لاءِ ڪو ٻه هڪ نشان اڃان تائين نه ٺاهيو ويو آهي. ان ڪري ماهرن کي انهيءَ ڏس ۾ واضح ۽ نوس قدم کڻڻ جي ضرورت آهي“. **(پٺاڻ ممتاز: 1989، 39)**
سندس ڏنل بيان مان معلو ٿئي ٿو ته: سنڌي الفابيٽ ٺهڻ وقت، هندو عالمن جو اهو زور هو ته، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري صورتخطي مقرر ڪئي وڃي پر سنڌ ۾ مسلمانن جي اڪثريت سبب، انگريزن راءِ عامه جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي اکر مقرر ڪيا ۽ ڪن آوازن جي اُچارن لاءِ مٿي بيان ڪيل نوان اکر پڻ ايجاد ڪيا. ازانسوا، اها ڳالهه پڻ واضح ٿئي ٿي ته، 1853 ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ مقرر ڪيل اکرن ۾ مونجهارا پڻ آهن. جو سڀني اکرن لاءِ هڪ صورت مقرر ٿيل نه آهي جيئن 'جهه' ۽ 'گهه' جي اکر مان واضح آهي. سندس مراد آهي ته 'ڀ' ۽ 'ٿ' جيئان، انهن آوازن لاءِ پڻ، ڪو هڪ اکر مقرر ڪيو وڃي ها. جڏهن ته 'جهه' ۽ 'گهه' ٻن اکرن کي ڳنڍي هڪ اکر مقرر ڪيو ويو آهي. ايلس کي 'جهه' ۽ 'گهه' لاءِ ٻه ڪو هڪ نشان مقرر ڪرڻ گهرجي ها.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:
”ايلس صاحب گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، سنڌي ماهرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي زبان لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي. نج سنڌي آواز، جن جون صورتون عربي ۽ پارسي رسم الخط مان ابوالحسن ورتيون هيون، سي قائم رکيائين. باقي رهيل نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حرفن ۾ ڦير گهير ڪري، يا انهن کي زائد نقطا ڏيئي يا ڪي نوان نشان بنائي، سنڌيءَ لاءِ موزون صورتخطي مقرر ڪيائين. ابوالحسن واري اڳوٽي صورتخطي، جيڪا سنڌ ۾ عام طور ڪم ٿي آندي ويئي، ايلس ان کي بنياديءَ صورتخطيءَ طور ڪم آڻي، انهيءَ رسم الخط جي آڌار تي نئي، هن پنهنجي صورتخطي ٺاهي. هن عربيءَ جا اٺاويهه ئي حرف، ۽ پارسيءَ جي ٽي حرف ان ۾ شامل ڪيا، جيئن مخدوم ابوالحسن ڪيو هو. پارسيءَ جي ٽنهي حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا، صرف صورتون پارسي خط جون اختيار ڪيون ويئيون، ڇاڪاڻ ته اهي صورتون عربي رسم الخط ۾ موجود نه هيون.“ **(الانا: 1993، 102- 103)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سر بئرو ايلس، جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪري ڏيهي ماهرن جي مدد سان سنڌي عربي رسم الخط جي هڪ نئين صورت سامهون آندي جنهن ۾ هن، ابوالحسن واري رسم الخط کي بنياد بڻائي هڪ نئون رسم الخط تيار ڪيو، هن، ابوالحسن وارن اختيار ڪيل عربي ۽ فارسي اکرن کي جيئن جو تيئن رکيو ۽ نج سنڌي آوازن جي لاءِ، عربي ۽ فارسي اکرن تي اضافي نقطا ۽ نشان ڏئي، ڪي سڌارا ۽ اضافا پڻ ڪيا. ازانسوا، اها ڳالهه پڻ معلوم ٿئي ٿي ته، فارسي آوازن وارا اکر اڳواٽ سنڌي زبان ۾ موجود هئا، فقط انهن جو فارسي صورتون اختيار ڪيون ويون. ڇو ته اهي آواز عربي زبان ۾ موجود ڪونه هئا.

ايلس واري صورتخطيءَ جون خصوصيتون:

الانا صاحب، ايلس جي صورتخطيءَ جون خصوصيتون بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ايلس صاحب گهڻيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان، سنڌي ماهرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي زبان لاءِ صورتخطي مقرر ڪئي. مٿي بيان ڪيل نج سنڌي آواز، جن جون صورتون عربي ۽ پارسي رسم الخط مان ابوالحسن ورتيون هيون، سي قائم رکيائين. باقي رهيل نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حرفن ۾ ڦير گهير ڪري، يا انهن کي زائد نقطا ڏيئي يا ڪي نوان نشان بنائي، سنڌيءَ لاءِ موزون صورتخطي مقرر ڪيائين. ابوالحسن واري اڳوڻي صورتخطي، جيڪا سنڌ ۾ عام طور ڪم ۾ آندي ويئي، ايلس ان کي بنياديءَ صورتخطيءَ طور ڪم آڻي، انهيءَ رسم الخط جي آڌار تي ئي، هن پنهنجي صورتخطي ٺاهي. هن عربيءَ جا اٺاويهه ئي حرف، ۽ پارسيءَ جي ٽي حرف ان ۾ شامل ڪيا، جيئن مخدوم ابوالحسن ڪيو هو. پارسيءَ جي ٽنهي حرفن وارا آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئا، صرف صورتون پارسي خط جون اختيار ڪيون ويئيون، ڇاڪاڻ ته اهي صورتون عربي رسم الخط ۾ موجود نه هيون.“ **(الانا: 1993، 103)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سر بئرو ايلس، گهڻي محنت ۽ جاکوڙ بعد، سنڌي ميمبرن تي مشتمل ڪاميٽيءَ جي مدد سان، سنڌي- عربي اکرن جي سوڌ سنوار ڪئي. نئين سر عربي اکرن جي تشڪيل وقت، ايلس، نج يا خالص سنڌي آوازن جي لاءِ اڳ موجود عربي اکرن جون ابوالحسن واريون صورتون قائم رکيون ۽ ان ۾ نج يا سنڌي آوازن جي لاءِ، ڪي نيون صورتون پڻ مقرر ڪيون. هن، عربي آوازن تي نقطا ۽ نشان لڳائي، نوان حرف ٺاهيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ موزون خط تيار ڪيو. ايلس، ابوالحسن وارن حرفن کي اهميت ان جي ڪري ڏني جو اهي حرف، سنڌ ۾ تمام گهڻو مستعمل هئا. ازانسوا، اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، ايلس، عربي اکر تيار ڪرڻ وقت، ابوالحسن وانگر عربيءَ جي اٺاويهه ئي حرف اختيار ڪيا ۽ ٽي حرف ان ۾ پارسيءَ جا شامل ڪيا ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، پارسي حرفن وارا ٽيئي آواز، سنڌيءَ ۾ اڳواٽ موجود هيا. ابوالحسن رڳو، انهن جون پارسي صورتون اختيار ڪيون ۽ ايلس پڻ ايئن ڪيو.

الانا صاحب ايلس جي صورتخطيءَ جون وڌيڪ خصوصيتون بيان ڪندي لکي ٿو ته:

1. ”هيءَ صورتخطي، روزمره واريءَ سنڌيءَ (Spoken Sindhi) جي قريباً سيني آوازن جي صورتن تي مشتمل آهي.
2. پارسي ۽ اردوءَ وانگر، سيني حرفن جا ڌار ڌار چار روپ (Shapes) ابتدائي يا منڍ وارو (Initial)، وچون (medial)، آخري (Final) ۽ سالم (Independent) آهن، جن جو مدار لفظ ۾ پرواري حرف سان ڳنڍجڻ يا نه ڳنڍجڻ تي آهي.
3. ا، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ذ، ر، ڙ، ز، ۽ و، ڪنهن به لفظ ۾ پوئين حرف سان ملايا نه ويندا آهن. اهي حرف، اڳين حرف سان ڳنڍجي سگهجن ٿا، بشرطيڪ اڳيون حرف به ڳنڍيندڙ هجي.
4. ڪن حرفن جي بنيادي صورت هڪ آهي. ڌار ڌار آوازن جي سڃاڻپ لاءِ ڪنهن هڪ ئي صورت ۾ نقطن جي گهٽ وڌ ترتيب سان، ڌار ڌار صورتون ٺاهيون ويون آهن.“**(الانا: 1993، 108)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، ايلس وارا ترتيب ڏنل اکر، ڳالهائجندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي تقريباً سمورن آواز کي پاڻ ۾ سمائن ٿا ۽ انهن اکرن ۾ پارسي ۽ اردوءَ وانگي، حرفن جا جدا جدا روپ ڏيکاريل آهن، جن ۾ سالم صورت، شروع، وچ ۽ آخر واريون صورتون، نمايان ٿيل آهن. سندس ترتيب ڏنل اکرن ۾ ڪي اکر شروع ۾ ڳنڍجندڙ ته ڪي آخر ۾ ڳنڍجندڙ آهن. ازانسوا، سندس ترتيب ڏنل اکر، سنڌي ٻوليءَ جي تقريباً سمورن آوازن کي نمايان ڪرن ٿا جنهن لاءِ هن، هڪ ئي حرف کي نقطن جي ڦير گهير سان سنڌي ٻوليءَ جا آواز نمايان ڪيا آهن.

ايلس واري صورتخطيءَ ۾ مونجهارا:

جيئن ته، مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته، ايلس، سنڌي ٻوليءَ لاءِ مروج؛ پراڻن عربي اکرن ۾ سڌارا آڻي انهن کي ٻاونجاهه حرفن تي پهچايو جنهن ۾ هن، ’ٺ - ڃ - ڄ - ڳ - ڱ - جهه ۽ گهه‘، نوان اکر شامل ڪيا. سر بيرو ايلس جي ترتيب ڏنل ٻاونجاهه حرفي، اڄ ڏينهن تائين سنڌي ٻوليءَ جي ۾ رائج آهي ۽ ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهائي وڃي ٿي جنهن ۾ علامه دائود پوٽي صاحب، ڪي سڌارا آندا ۽ ان ۾ اڄان به ڪي مونجهارا موجود آهن ۽ ان مان پنج وسرڳ آواز پڻ ڪٽل آهن. سر بئرو ايلس، سنڌي آوازن تي مفصل نموني سان غور نه ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جا پنج وسرگ آواز ’ڙهه- لهه- مهه- نهه ۽ ٿهه‘، ان ۾ شامل نه ڪيا جيڪي؛ اڄ تائين سنڌي الف- بي جي ڪک پٽيءَ کان ٻاهر آهن جڏهن ته انهن آوازن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪثرت سان استعمال ملي ٿو. جيئن: ڳاڙهو ۽ ڏاڙهون لفظ ۾ ’ڙهه‘ استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح، ملهه ۾ ’لهه‘، سامهون ۾ ’مهه‘، منهن ۾ ’نهه‘ ۽ ماٺهوءَ ۾ ’ٺهه‘ استعمال ٿيل آهي.

سنڌي الف بي جي ترتيب پڻ، لسانيات جي اصولن کان ڦريل آهي. مطلب ته، موجوده سنڌي الف- بي جي ڪڪ پٽيءَ کي، سوڌ ۽ سنوار جي ضرورت آهي. انگريز سرڪار جي دؤر ۾ سنڌي صورتخطي سرڪاري طور تي سڄي سنڌ ۾ رائج ٿيڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ٿيڻ لڳو. نه ته ان کان اڳ نج يا خالص سنڌي آوازن لاءِ، ڪي صورتون مقرر نه هيون. ۽ سنڌي ٻوليءَ جا نج يا خالص آواز، 1853 بعد، سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙا لکڻ ۾ آيا.
موجوده سنڌي عربي صورتخطيءَ ۾ ٻيو وڏو اهم مونجهارو اهو آهي ته، ان ۾ ڪجهه آواز اهڙا آهن جن ۾ سنڌي ماڻهو فرق ڪري نه ٿو سگهي. جيئن: 1- ء ۽ ع، س- ص ۽ ث، ز- ض- ظ ۽ ذ، ت ۽ ط، گ ۽ غ، ح ۽ ه، ف ۽ ڦ، ۽ ڪ ۽ ق. پر اهو مسئلو، ان وقت حل ٿي نه سگهيو. ڇو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي لغت جي ذخيري جي موجودگي، ان ڳالهه کي پختو ڪري ٿي ته، سنڌي ٻوليءَ مان عربي آواز ڪڍڻ سبب عربي الفاظن جا صحيح اُچار ڪري نه سگهبا ۽ معنائن کي صحيح پرکي نه سگهبو. مثال جي طور: سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جا ٻه لفظ ’قلب‘ ۽ ’ڪلب‘ مروج آهن. هڪ جي معنى آهي ’دل‘ ته ٻئي جي ’ڪتو‘. هاڻي جي ڪاف هڪ رائج ڪجي ته معنى کي ڪيئن پرکجي. ٻيو مثال ’ڪسب’ ۽ ’قصب‘ جو وٺجي. پهرين جي معنى ’پورهيو‘ ۽ پوئين جي ’ڪهڻ‘. اهڙيءَ طرح، ’هڪ‘ ۽ ’حق‘ ۾ فرق ڪيئن ڪبو. سو ان سبب، ان وقت، خاموشي اختيار ڪئي وئي.

آغا سليم لکي ٿو ته:
سنڌوءَ ۾ مون آغا صوفيءَ جو مضمون پڙهيو هو. جنهن ۾ هن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو ته عربيءَ جا اکر جيئن، ص، ض، ط، ظ ۽ ع، غ وغيره اسان سنڌي ادا ڪري نه سگهندا آهيون، ان ڪري ڇو نه انهن اکرن کي سنڌي الف- بي مان ڪڍيو وڃي.“ **(آغا سليم: 2004، 19)**
معلوم ٿيو ته، آغا صوفيءَ سنڌوءَ ۾ هڪ مضمون لکيو هو جنهن ۾ هن ڄاڻايو هو ته، مٿي ڄاڻايل نج يا خالص عربي آوازن جو سنڌي ماڻهو، صحيح تلفظ ادا ڪري نه ٿا سگهن. ان جي ڪري انهن اکرن کي سنڌي الف- بي جي ڪڪ پٽيءَ مان خارج ڪيو وڃي. هت پڻ مٿيون ساڳيو مسئلو پيش ايندو، جنهن طرف آغا صوفيءَ جو خيال نه ويو، ته انهن آوازن جي اخراج بعد، ’ارض‘ ۽ ’عرض‘ جو فرق بيان، ڪيئن ڪبو ۽ انهن آوازن کي ’ارز‘ ۽ ’ارز‘ جي آوازن ۾ سمائي، معنى کي ڪيئن پرکبو. عربي لفظن جي مجبوريءَ سبب، عربي آوازن کي سنڌي- الف- بي جي پٽيءَ مان خارج ڪري نه سگهبو، اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن عربي لفظن کي سنڌي ٻوليءَ مان خارج ڪيو وڃي جيڪو ممڪن نه آهي جو ادبي ٻولي، ڏينهون ڏينهن، پنهنجو دائرو وڌائيندي رهي ٿي. توڙي جو مختلف لهجن ۾ ونڊبي، ورهائبي رهي ٿي پر تڏهن به هر دؤر ۾ پنهنجو پاڻ سنواريندي ۽ سينگاريندي رهي ٿي، ان جي ڪري زندهه يا وڌندڙ زبان سڏجي ٿي جيڪا ڏينهون ڏينهن وسيع ۽ ويڪري ٿيندي رهي ٿي.
توڙي جو سنڌي- عربي صورتخطيءَ جي موجوده ڪڪ پٽيءَ ۾ مونجهارا آهن ۽ اها، سنڌي ٻوليءَ جي مڪمل آوازان کي پاڻ ۾ نه ٿي سمائي تڏهن به 1853 کان وٺي؛ هيل تائين سنڌي ٻوليءَ جي لکت جو مڪمل ڪم ڏئي رهي آهي. ٿوري گهڻي نشاني فرق سان ۽ ڪن گڏيل آوازن سان، سنڌي- عربي صورتخطي، سنڌي ٻوليءَ جي مڪمل آوازن کي استعمال ڪندي رهي آهي. توڙي جو ٻول چال ۾ سنڌي ماڻهو، عربي ۽ سنڌي آوازن جي فرق کي قائم ڪو نه ٿا رکن ۽ هڪ آواز جي بدلي ٻيو آواز استعمال ڪرن ٿا پر ٻوليءَ جي تحرير وقت انهن ڳالهين جو خاص خيال رکيو وڃي ٿو. مثال جي طور: دائي ۽ داعيءَ لفظ اچارڻ ۾ سنڌي ماڻهو فرق ڪونه ٿا ڪرن پر لکت ۾ فرق نمايان آهي. اهڙيءَ طرح، ڏاڙهون لفظ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وسرڳ آواز ڙهه استعمال ٿيل آهي جيڪو ڙ ۽ هه جي سنگم سان اچاريو وڃي ٿو جڏهن ته انهن آوازن ۾ ’هه‘ پنهنجو اُچار چٽو ظاهر نه ڪندي آهي. يعني، وسرڳ آوازن ۾ ’هه‘ مڪمل آواز کي ظاهر نه ڪندي ۽ ان جو آواز، اڌورو يا گهٽيل هوندو آهي. جڏهن ته، ’هه‘ وينجن ۾، ’هه‘ جو آواز مڪمل يا چٽو؛ اُچاريو ويندو آهي. جيئن: ڳاڙهو کي ڳاڙو اچاريو ويندو آهي ۽ ڏاڙهونءَ کي ڏاڙون اچاريو ويندو آهي.

الانا صاحب انهن آوازن متعلق لکي ٿو ته:
”سنڌي صوتيات جي اصول موجب، سنڌيءَ ۾ وسرڳ آواز ايلس وارن مٿي ڄاڻايل (52) ٻاونجاهه آوازن کان زياده آهن. پر صورتخطي ٺاهڻ وقت ڪن وسرڳ آوازن جون صورتون الائجي ڪهڙي سبب نظر انداز ڪيون ويون آهن، اهي صورتخطيءَ ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل آواز هي آهن. ( مهه، نهه، ڙهه، ۽ لهه)“ **(الانا: 1993، 104)**
سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جي سرشتي ۾، مهه- نهه- ڙهه ۽ لهه موجوده ٻاونجاهه حرفن کان مٿي آهن. خبر نه آهي ته الائي ڪهڙي سبب جي ڪري 1853 ۾ سنڌي عربي اکرن جي نئين سر تشڪيل ڪرڻ وقت اهي اواز، عربي اکرن ۾ شامل نه ڪيا ويا. ان جو سبب اهو معلوم ٿئي ٿو ته، انگريزن، سنڌي زبان کي سنسڪرت زبان جي شاخ ڄاتو ۽ اهي آواز سنسڪرت زبان ۾ شامل ڪونه هئا. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ‘سنڌي صورتخطيءَ’ ۾ مٿين چئن آوازن جو ذڪر ڪيو آهي جڏهن ته شيخ نياز محمد ’نياز‘، ’سنڌي گلدستو‘ ۾ پنجن آوازن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ مٿين چئن آوازن کان علاوه پنجون وسرڳ آواز (ٽهه) به شامل آهي. هو لکي ٿو ته:
”جهڙيءَ طرح موجوده سنڌي عربي صورتخطيءَ ۾ ٻه وسرڳ آواز (جهه) ۽ (گهه) اڳم ئي موجود آهن، اهڙي طرح هيٺيان پنج وسرڳ آواز، جي موجوده سنڌي الف- بي مان ڪٽل آهن. جن کي گڏي ڪري (52) مان ڦيري (57) ستونجاهه ڪيو

وڃي. ڇاڪاڻ ته اهي مرڪب حروف به هڪ ئي آواز ڏين ٿا. اهي هي آهن؛ ڙهه- لهه- مهه- نهه- ڻهه. انهن جو استعمال مختلف لفظن ۾ هن طرح ٿئي ٿو. جيئن: ڳاڙهو- ملهه- سامهون- سينهون ۽ ماڻهو.“ **(شيخ نياز: 1977، 137)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، جيئن سنڌي عربي اکرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وسرڳ آوازن جي لاءِ ٻه اکر ’جهه‘ ۽ ’گهه‘ اڳ موجود آهن. اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيا به پنج وسرڳ آواز ڙهه- لهه- مهه- نهه- ڻهه موجود آهن جيڪي موجوده سنڌي الف بي جي ڪڪ پٽيءَ ۾ شامل ڪرڻ کان رهيل آهن جيڪي سنڌي عربي اکرن ۾ شامل ٿيڻ گهرجن ۽ موجوده سنڌي الف- بي جي ڪڪ پٽي، ٻاونجاهه حرفن جي بدران ستونجاهه حرفن تي شايع ٿيڻ گهرجي. ازانسوا، سندس ڏنل بيان ۾ مٿين پنجن وسرڳ آوازن جو استعمال پڻ ڏيکاريل آهي. جيئن سندس ڏنل مثال ڳاڙهو ۾ ڙهه، ملهه ۾ لهه، سامهون مهه، سينهون ۾ نهه ۽ ماڻهوءَ ۾ ڻهه استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح، موجوده سنڌي عربي صورتخطيءَ ۾ تر- ٽر ۽ ٻر وارا، سنڌي ٻوليءَ جا ٻٽا صوتيا پڻ 1853 ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ عربي اکر اختيار ڪرڻ وقت، عربي رسم الخط ۾ شامل نه ڪيا ويا نه ته 1853 کان اڳ اهي آواز، سنڌي زبان ۾ رائج هئا ۽ 1853 ۾ انهن آوازن کي مخفف ڪري ’ر‘ حذف ڪئي وئي. جيئن اڳ سٽر، چنبر ۽ ٽريون وغيره لکيا ويندا هئا جن کي بعد ۾ سٽ، چنڊ ۽ ٽيون لکيو ويو پر سنڌي ماڻهو پلي لفظ ٽيون لکي پر سندس تلفظ ٽريون ئي آهي. شاهه پڻ ائين ئي چيو هو ته؛ ”سٽ نه سا سارين، الف جنهن جي اڳ ۾“ ۽ شاهه ڪريم به ائين ئي استعمال ڪيو هو ته: ”ڪٽر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن“.

سنڌي عربي صورتخطيءَ تي وار:

سنڌ جي ڪجهه هندن طرفان، 1916 ۾ اها تحريڪ هلائي وئي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ، عربي خط متروڪ ڪري ان جي جاءِ تي ديوناگري خط اختيار ڪيو وڃي جنهن سلسلي تحت، سنڌ جي هندن، ديوناگري خط ۾ ’هندو‘ نالي هڪ اخبار جاري ڪري اهو بانور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ديوناگري خط، سنڌي زبان جي لاءِ ڏاڍو موزون آهي. هنن، پنهنجي ڳالهه کي هٿي ڏين جي لاءِ 1917 ۾ هڪ ٻي اخبار هند واسي نالي جاري ڪئي پر هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيا.

شيخ عزيز لکي ٿو ته:

”1916ع ۾ سنڌ ۾ ڪٽر هندن طرفان اها مهم هلائي وئي ته سنڌي ٻوليءَ کي عربي رسم الخط نه، پر ديوناگري رسم الخط ۾ لکيو وڃي. انهيءَ تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ حيدرآباد مان هڪ هفتيوار اخبار ’هندو‘ ديوناگري رسم الخط ۾ ڪڍي وئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ اخبار هفتي ۾ ٻه دفعا نڪرڻ لڳي. 1917ع ۾ حيدرآباد مان ٻي سنڌي روزانه اخبار ’هندواسي‘ جاري ٿي. هن جو ايڊيٽر چيتمل پرسرام گلراجاڻي هو. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن برطانوي سرڪار هن اخبار تي قدم کڻڻ واري هئي ته ان جو نالو بدلائي هندواسيءَ مان پارتواسي ڪيو ويو.“ **(شيخ عزيز: 1995، 227)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿو ٿئي ته، 1916 ۾ ڪٽر هندن طرفان اها تحريڪ هلائي وئي ته، سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي رسم الخط کان ديوناگري رسم الخط وڌيڪ موزون آهي. ان جي ڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي رسم الخط متروڪ ڪري ان جي جاءِ تي ديوناگري رسم الخط مروج ڪيو وڃي. سنڌ جي هندن پنهنجي تائيد ۾ هندو نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪري، اهو بانور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ديوناگري رسم الخط، سنڌي ٻوليءَ لاءِ هر وجهه کان ڪامل آهي ۽ پنهنجي مقصد جي تائيد لاءِ، 1917 ۾ سنڌ جي هندن، هڪ ٻي اخبار ’هندواسي‘ پڻ جاري ڪئي جنهن جو بعد ۾ نالو تبديل ڪري، پارتواسي رکيو ۽ ان اخبار جو ايڊيٽر پروفيسر چيتمل پرسرام گلراجاڻي هيو. ديوناگري رسم الخط جي لاءِ؛ هندو جيڪا ڪوشش ڪري رهيا هئا، ان جي پويان، يقيناَ، سندن، مذهبي جوش ۽ جذبو ڪار فرما رهيو جنهن ڪري هو، اها ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڪانئن اڳ، 1853 ۾ پڻ ڪاميٽيءَ جا هندو ميمبر توڙي ڪئپٽن اسٽئڪ، اها ڪوشش ڪري چڪا هئا.

سنڌي عربي صورتخطيءَ جا مختلف نمونا :

سنڌي عربي رسم الخط، جيئن ته، انگريزن جي دؤر کان اڳ، سنڌ ۾ مروج رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ عرب دؤر کان رائج ٿيو. بعد ۾ 1700 ۾ مخدوم ابوالحسن، ان ۾ سڌاراڻي ان جي هڪ نئين صورت، تشڪيل هيٺ آندي ۽ 1853 ۾ ان ۾ اڃان ڪجهه وڌيڪ سڌارا آڻي، ان کي؛ ٻاونجاهه حرفن تي بيهاريو ويو ۽ ان کي سرڪاري طور تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ، منظور ڪري صورتخطيءَ جو درجو ڏنو. نه ته ان کان اڳ، سنڌي- عربي رسم الخط، سنڌ جي مختلف خطن ۾ مختلف نمونن سان؛ مروج رهيو.

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ لکي ٿو ته:

”انگريزن کان اڳ سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسي هئي، ۽ سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ لکيو ويندو هو. سنڌيءَ ۾ جيڪو به لکيو ويندو هو، ان کي لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ گهڻي محنت کان ڪم وٺڻو پوندو هو. مثال طور ( ڃ ) جو اُچار هن ريت **(ج)** لکيو ويندو هو، يعني ته ’ڃ‘ جي مٿان نڊيڙو ’ن‘ ۽ ’ڻ‘ جو اُچار ’ن‘ جي مٿان نڊيڙو ’ن‘ ڏئي **(ن)** لکيو ويندو هو.“ **(پٺاڻ ممتاز: 1989، 39)**

سندس ڏنل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته، انگريز عملدارن؛ سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري زبان، انگريزيءَ سان گڏ سنڌي پڻ مقرر ڪئي. نه فقط سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ دفتري حيثيت ڏني پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ صورتخطي مقرر ڪئي، نه

ته ان کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جا اکر، سنڌ جي مختلف خِطن ۾ مختلف نمونن سان، لکيا ويندا هئا. جيئن، مٿي ڏنل سندس مثال ۾ نمونو ڏيکاريل آهي. انگريز سرڪار، سنڌ جي هندو ۽ مسلمان عالمن جي مدد سان، ان مسئلي کي حل ڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ نئي صورتخطي، عربي- سنڌي صورتخطي منظور ڪري سڄي سنڌ ۾ هڪجهڙي رائج ڪئي.

ارنيسٽ ٽرومپ، جڏهن؛ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر جوڙيو ته، سنڌي صورتخطيءَ تي سروي پڻ ڪئي، سندس ڪيل سروي جي رپورٽ، سندس لکيل ڪتاب، ”سنڌي ٻوليءَ جو گرامر“ ( گرامر آف سنڌي لئنگئيج ) ۾ ڏنل آهي جنهن ۾ سنڌي عربي صورتخطيءِ جا (3) ٽي نمونا. پراڻي سنڌي الف- ب 2. سرڪاري الف= ب 3. سندس جوڙيل ۽ ڪتاب ۾ استعمال ڪيل، سنڌي عربي الف- بي، رومن ڪريڪٽر سان ڏنل آهي. مٿين ٽنهي صورتخطين ۾ ٿورو گهڻو فرق نمايان نظر اچي ٿو. جيئن ’ڦ‘جو آواز سندس ڏنل لسٽ ۽ پراڻي سنڌيءَ ۾ ’ف‘ سرڪاري صورتخطيءَ ۾ ’ڦ‘ ڏنل آهي. ازانسوا، سندس جوڙيل صورتخطيءَ ۾ ’پهه‘ البته ا- ب – ب وغيره جا آواز ٽنهي خطن ۾ ساڳيائي ڏنل آهن. ’ڃ‘ جو آواز پراڻي خط ۾ ’نج‘ سرڪاري خط ۾ ’ڃ‘ ۽ سندس جوڙيل خط ۾ ’نج‘. ڏنل آهي. مذڪوره ٽرئي عربي سنڌي صورتخطيءَ جا نمونا ’ء‘ کان علاوه (51) ايڪونجاهه حرفن تي مشتمل آهن. جي (ء) همزي سميت موجوده صورتخطيءَ جي ٻاونجاه آوازن (اکرن) کي ظاهر ڪرن ٿا جي اکر هي آهن:

ڊاڪٽر ٽرومپ واري گرامر تان ورتل سنڌي عربي صورتخطيءَ جا ٽي الڳ نمونا:

| رومن | پراڻي ا ـ ب | سرڪاري ا ـ ب | ٽرومپ واري ا ـ ب |
|---|---|---|---|
| A | ا | ا | ا |
| B | ب | ب | ب |
| B | ٻ | ٻ | ٻ |
| Bh | ڀ | ڀ | بهه |
| T | ت | ت | ت |
| Th | ٿ | ٿ | تهه |
| T | ٽ | ٽ | ٿ |
| Th | ٺ | ٺ | ٿهه |
| ......... | ث | ث | ث |
| P | پ | پ | پ |
| Ph | ف | ڦ | پهه |
| J | ج | ج | ج |
| J | ڄ | ڄ | ڄ |
| Jh | ڃ | جهه | جهه |
| n (ny) | نج | ڃ | نج |
| O | چ | چ | چ |
| Oh | ڇ | ڇ | چهه |
| N | ح | ح | ح |
| X | خ | خ | خ |
| D | د | د | د |
| Dh | ڌ | ڌ | دهه |
| D | ڊ | ڊ | ڌ |
| D | ڌ | ڏ | ڌ |
| Dh | ڍ | ڍ | ڌهه |
| O | ذ | ذ | ذ |
| R | ر | ر | ر |
| R | ر | ڙ | ڙ |
| Z | ز | ز | ز |
| S | س | س | س |
| S | ش | ش | ش |
| S | ص | ص | ص |
| Z | ض | ض | ض |
| T | ط | ط | ط |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ظ | ظ | ظ | O |
| ع | ع | ع | ........ |
| غ | غ | غ | Y |
| ف | ف | ف | F |
| ق | ق | ق | Q |
| ڪ،ک | ڪ | ک، ڪ | K |
| کهه | ک | ک | Kh |
| گ | گ | گ | G |
| گ | **ڳ** | گ | G |
| گهه | **گهه** | گ | Gh |
| نگ | **ڱ** | نگ | (n g)  n |
| ل | ل | ل | I |
| م | م | م | M |
| ن | ن | ن | N |
| ن | **ڻ** | ن | N |
| و | و | و | V |
| هه | هه | هه | H |
| ي | ي | ي | Y |

**(ٽرومپ: 2011، 331- 332)**

مٿي ڏنل ٿنهي نمونن ۾ عربي پارسي اکر جيئن جو تيئن رکيل آهن. البته نج سنڌي آوازن جي لاءِ، وٽن الڳ الڳ صورتون آهن. مٿين اکرن مان معلوم ٿئي ٿو ته، نج سنڌي آوازن جي لاءِ، ايلس نوان 10 اکر مقرر ڪيا ۽ انهن اکرن کي بولڊ ڪري نمايان ڪيو ويو آهي. ازانسوا، ايلس، ابوالحسن وارن ترتيب ڏنل اکرن ۾ ٿوري گهڻي ڦير ڦار پڻ ڪئي. جيئن، مٿي ڏنل اکرن، ٺ ۽ ٺ جي صورتن مان پڌرو آهي. ازانسوا، مٿين اکرن مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، ايلس، ابوالحسن واريون قائم ڪيل گهڻين صورتن کي اختيار ڪيو پر ڪن آوازن لاءِ نيون علامتون مقرر ڪيون، جيئن، ڦ- ڄ- ڃ- ڏ- ڙ- ڳ- گهه- ڱ ۽ ڻ. مٿي ڏنل عربي اکرن جي نمونن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته، موجوده اکرن ۾  نج سنڌي آوازن جي لاءِ، ٻ- ڀ- ٺ- ٿ- ٽ- ڇ- ڌ- ڊ- ڍ ۽ ڏ واريون ابوالحسن جون قائم ڪيل صورتون اختيار ڪيون ويون. ازانسوا، اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته، ايلس ابوالحسن واري قائم ڪيل صورت نج کي ڄ جي صورت ڏني ۽ نگ کي ڱ جي صورت ڏني.

ٽرمپ وارن ترتيب ڏنل اکرن جو سال اَنام آهي ۽ اهو پرکڻ اوکو آهي، ته، ٽرمپ وارا ترتيب ڏنل اکر، ڪهڙي سال ۾ جڙيا. ٽرمپ وارن اکرن ۾ ڪتاب، ٽرمپ رڳو پاڻ ئي لکيا ۽ سندس ترتيب ڏنل پهريان ڪتاب، سنڌي پاٺاولي ۽ سنڌي ريڊر بڪ 1858 ۾ ڇپجي سامهون آيا ۽ ايلس وارن سرڪاري اکرن ۾ خط ڪتابت 1853 کان رائج ٿي جنهن بنياد تي ايلس وارا ترتيب ڏنل اکر اڳڀاٽا آهن. ٽرمپ جيئن ته ڪرسچن مشنريءَ جو نمائندو هو ۽ هو خاص مقصد ڪٽي سنڌ ۾ آيو هو. هن وارا ترتيب ڏنل مٿيان اکر، سنڌ ۾ شهرت حاصل ڪري نه سگهيا ۽ متروڪ ٿي ويا. پادرين ان ۾ ٽائيپ پڻ تيار ڪئي ۽ پريس لڳائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي پر ڪامياب ٿي نه سگهيا.

نتيجو:

مٿي ڏنل اکرن مان اها ڳالهه پڻ واضح ٿئي ٿي ته، ٽرمپ وارن اکرن ۾ تقريباََ سموريون صورتون ابوالحسن ۽ سرڪاري اکرن تان نقل ڪيل آهن. البته، ان م ڀه آواز فرق سان ڏيکاريل آهن. جن ۾ ڌ- دهه ۽ ڍ- ڏهه جي صورت ۾ ڏيکاريل آهن جيڪي پڻ، ابوالحسن جي رسم الخط کان علاوه سنڌ ۾ مروج، عربي خط جي ٻين نمونن ۾ موجود آهن، جيئن، عزت بن سليمان جي خط ۾ مٿيان حرف موجود آهن ۽ اتان نقل ڪيل پائنجن ٿا. ٽرمپ، پنهنجي پاران ڪو نئون حرف مقرر نه ڪيو.

حوالا:


1. ابڙو آفتاب ڊاڪٽر: 2015 ”سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو“، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس
2. الانا غلام علي: 1993 ”سنڌي صورتخطي“، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
3. الانا غلام علي: 2006 ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“، حيدرآباد سنڌ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
4. آغا سليم: 2004 ”مقدمو- منهنجو يروشلم- شڪارپور جي صحافتي تاريخ“، انور فگار هڪڙو، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن
5. پٺاڻ ممتاز حسين: 1989 ”مقالو- سنڌي صورتخطيءَ جو بڻ بنياد“، حيدرآباد، ”ماهوار نئين زندگي“، شمارو- 10 - 11، جلد (42)
6. پٺاڻ ممتاز حسين: 2009 ”مقالو- صورتخطيءَ جي ارتقا“، ”سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون“ (جلد iv)، مرتب: خان محمد جروار حيدرآباد سنڌ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
7. ٽرمپ ارنيسٽ: 2011 ”سنڌي ٻوليءَ جو گرامر“، مترجم- امجد سراج ميمڻ، حيدرآباد، لئنگئيج اٿارٽي.
8. دائود پوٽو عمر بن محمد: 1977 ”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“، ڀٽ شاهه، شاهه ثقافتي ڪميٽي
9. شيخ عزيز: 1995 ”عملي صحافت“ ڪراچي، باک پبليڪيشن
10. شيخ نياز محمد ’نياز‘: 1977 ”سنڌي گلدستو“، لاڙڪاڻو سنڌ، شيخ خليل احمد
11. لاکو غلام محمد: 1997 ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“، ڪراچي مارئي سماجي سنگت
12. ملاح مختيار احمد: 2006 ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، ڪراچي، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽورز
13. ميمڻ محمد صديق: 2005 ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي